ڊاڪٽر آزاد قاضي

# سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد ۽ جي. ايم. سيد


**Abstract:**

**Sindhi Muslim Adabi Society, Hyderabad, and G.M. Syed**

*During British rule, the awareness was ushered in the people of, Sub-continent, because of the atmosphere of social, economical, religious and literary activities enunciated by that rule. Thus many literary bodies and Institutions were established. In Hyderabad Sindh, one of the above said literary bodies, normally, 'Sindh Muslim Adabi Society', was established in the year 1930, which started functioning from January 1931. The well-known Literary Scholar, Mr. Muhammad Siddique Memon was nominated as General Secretary, who in collaboration with his fellow thinkers took up the task of developing education and enhancement of literary activities as well as publishing academic and religious books for Muslim students so as to facilitate them, because there was shortage of such materialism in Sindhi language and literature. In the opening days, the Secretary invited the prominent persons, social and literary scholars to come forward and the share the burden of the above tremendous task. In the very beginning he invited G.M. Syed to come up and assist the society in all respects, who whole heartedly responded in affirmative. The other scholars and Philanthropists were above twenty in number, some of them were : Hakeem Fateh Muhammad Sehwani, Miran Mohammad Shah (President), Usman Ali Ansari, Ali Khan Abro, Ghulam Murtaza Shah, Ghulam Serwar Qadri, Mohammad Hashim 'Mukhles' and many others (names are given). The functions which took up on priority basis were membership drive, conducting, seminars and 'Mushairas' and cultural gatherings. Publishing of books and manuscripts and arranging 'Adabi Melas' of great people and of the past viz: Shah Abdul Latif Bhitai, etc. For education of girls, 'Madrasat-ul-binnat', was established at Hyderabad with residential facilities and Security; the opening ceremony of that Institution was made by G.M. Syed on 25th August 1946. The teaching, learning and publication was started in full swing which proved to be a success and thus paved the way for fight on all fronts through this Institution, which proved and provided tremendous work in the form of books, for them history is replete with the above activities.*


**انگريزن** جي دؤر ۾ مختلف نوعيتن وارن سماجي، معاشي، مذهبي توڙي





علمي ۽ ادبي سببن جي ڪري ننڍي کنڊ جي عوام ۾ جا سجاڳي آئي، جنهن جي نتيجي هيٺ مختلف نوعيت جون انجمنون ۽ ادارا وجود ۾ آيا. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي به انهن مان هڪ هئي، جنهن جي بنيادي مقصدن ۾ علم ۽ ادب کي هٿي وٺرائڻ ۽ تعليمي شعبي کي ترقي ڏيارڻ شامل هو. مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي جنرل سيڪريٽري محمد صديق ميمڻ، سائين جي. ايم سيد کي هڪ خط ۾، مسلمان ٻارن جي ذهني تربيت لاءِ اسلامي نوعيت واري مواد جي اڻاٺ جو ذڪر ڪندي لکي ٿو، "اسان جي مسلمان ٻچن ۽ ٻائرن کي سَوَن بلڪ هزارن جي تعداد ۾ ادبي، اخلاقي، تاريخي ڪتاب گهرجن، جي پڙهي هُو سهڻا مسلمان ۽ سچا پچا انسان ٿي پون. انهن سيني ڳالهين کي محسوس ڪندي، ڪيترا دوست انهيءَ ڳالهه تي متفق ٿيا آهن، ته هڪ باقاعدي علم ادب جي سوسائٽي جاري ڪجي، جا قومي اسلامي لٽريچر سنڌي عام فهم ٻوليءَ ۾ مهيا ڪري ڏئي."[1]

اهڙي قسم جي ضرورت جو ذڪر ڪرڻ کان پوءِ ميمڻ صاحب ان ڪم ۾ سيد صاحب کي پنهنجي سهڪار ڏيڻ بابت گذارش ڪندي لکي ٿو ته، "الحمد الله ته اسان مسلمانن ۾ هن وقت به توهان جهڙا علم دوست ۽ بزرگ شخص موجود آهن. جي هن اسلامي ڪم ۾ بهرو وٺي، اسلامي لٽريچر جي اشاعت سنڌي زبان ۾ ڪندا. انهيءَ اميد تي هيءَ استدعا ڪجي ٿي، ته اوهان صاحب سوسائٽيءَ جي منتظم ڪاميٽي جا ميمبر ٿي، پنهنجي صلاح ۽ مشورن سان رهبري ڪندا. تنهن ڪري خاص مهرباني ڪري، ڪاميٽيءَ جي ابتدائي ميٽنگ جي مقرر ڪيل تاريخ تي (جنهن جو اطلاع جدا ڏنو ويندو) پنهنجي تشريف آوريءَ سان شريڪ ٿيڻ جي نوازش ڪندا ۽ پڻ انهيءَ کان اڳي پنهنجي راءِ ۽ قيمتي مشوري سان ممنون ڪندا."[2]

اهڙين شروعاتي ڪوشش سان سنڌ جي سخي مردن جي 1930ع جي آخر ڌاري حيدر آباد ۾ هڪ گڏجاڻي سڏائي وئي، جنهن ۾، سائين جي. ايم. سيد پڻ شريڪ ٿيو. ان موقعي تي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي نالي هڪ جماعت جو بنياد وڌو ويو. جنهن جنوري 1931ع کان ابتدائي ڪم جي شروعات ڪئي.

ان سوسائٽي ءَ جا هيٺيان مول متا مقرر ڪيا ويا:

سنڌي عام فهم ٻوليءَ ۾ ديني، اخلاقي ۽ تاريخي ڪتاب شايع ڪرڻ ۽ ميمبرن ۾ ورهائڻ.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سنڌ جي مسلمانن جي اقتصادي ۽ معاشرتي زندگيءَ جي سڌاري لاءِ پمفليٽ (ننڍڙا ڪتاب) ڇپائڻ.

سنڌ جي اهلِ قلم صاحبن کي همٿائڻ.[3]

اهو دور جيئن ته هندن جي مخالفت وارو دور هو، زندگيءَ جي مختلف ميدانن ۾ مسلمانن جو غير مسلم سان ٽڪراءُ ٿيندو پئي رهيو، ان ڪري هن سوسائٽيءَ جي وجود ۾ اچڻ تي، سنڌ جي مسلمانن ۾ سرهائيءَ واري لهر ڊوڙي ويئي ۽ مسلمانن مسلم ادبي سوسائٽي جي معاملن ۾ دلچسپي وٺڻ شروع ڪئي.

مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي مقصدن جي حاصلات لاءِ ان جي ڪم ڪار جو بنياد، ابتدائي طور سوسائٽيءَ جي ميمبرن پاران ڏنل فين تي رکيو ويو. ان سلسلي ۾ ميمبر سازيءَ جي شروعات ڪئي ويئي، جنهن جا هيٺ ڄاڻايل 3 درجا مقرر ڪيا ويا:

1. ”لائيف ميمبر 100 رپيا چندو يڪمشت
2. الف ڪلاس ميمبر چندو 5 رپيا في سال
3. بي ڪلاس ميمبر چندو 2 رپيا في سال.“[4]

مخلتف درجن ۾ سوسائٽيءَ جي ٿيندڙ ميمبرن لاءِ سوسائٽيءَ جي مقصدن ۾ طئي ڪيو ويو ته، ”هر ڪنهن ڪلاس جي ميمبرن کي ادبي سوسائٽيءَ جا سيئي ڇپايل ڪتاب چندي جي عيوض ملندا. الف ۽ بي ڪلاس جي ميمبرن ۾ ڪو تفاوت ڪونهي. البت ڪلاسن جي چندي مان ادبي سوسائٽيءَ کي ڪجھ فائدو ٿيندو، جو ٻه ڪلاس واريءَ ڪوٽ کي منهن ڏيندو.“[5]

مٿي ذڪر ڪيل مقصدن جي حاصلات ۾، جيڪي ڏکيايون درپيش هيون، تن کي نظر ۾ رکندي، مسلمانن کي سهڪار ڪرڻ جي اپيل ڪندي ان ڳالھ جو اظهار ڪيو ويو ته، ”مسلم ادبي سوسائٽيءَ کي قائم ڪرڻ نهايت ضروري آهي، پر انهيءَ کي قائم ڪرڻ ۽ هلائڻ هڪ يا ٻن شخصن جو ڪم نه آهي، ’گهڻن ڪنئي ڇپر ڪڇي‘. هن ڪارِخير ۾ هر ڪنهن پڙهيل مسلمان کي ٻانهن ٻيلي ٿيڻ پنهنجو فرض ڄاڻڻ گهرجي. هر ڪنهن پڙهيل مسلمان جو فرض آهي ته هن ادبي سوسائٽيءَ جو ميمبر ٿئي. يقين آهي ته جيڪڏهن اسين سيئي پڙهيل مسلمان هن اسلامي ڪم ڏانهن پورو توجھ ڏينداسين ته اسان جي قوم جو ٻيڙو، جوهر وقت جهل جي ڪُن ۾ تواڻي آهي، سو نڪري پار پوندو.“[6]





ان اجلاس ۾ جناب سيد ميران محمد شاھ کي صدر ۽ جناب محمد صديق ميمڻ کي سيڪريٽري طور مقرر ڪرڻ ڪانسواءِ ويهن برک شخصيتن تي ٻڌل انتظام ڪاميٽي جوڙي ويئي، جنهن ۾ سائين جي. ايم. سيد به شامل هو. اهي ويهه ميمبر هن ريت هئا: (1) حڪيم مولوي فتح محمد سيوهاڻي، (2) جناب مخدوم غلام حيدر، (3) جناب پير غلام محمد، (4) خان بهادر رئيس نورالدين احمد غلام علي، پرنسپل ٽريننگ ڪاليج فارمين، حيدرآباد، (5) جناب محمد ابراهيم، بي. اي ائڊمنسٽريٽو آفيسر، ضلعو سکر، (6) جناب عبدالحق،ڪراچي، (7) قاضي جان محمد، نوابشاھ، (8) قاضي عبدالغني، اپر سنڌ، (9) جناب عبدالرزاق ميمڻ، ايم. اي پرنسپال هاءِ اسڪول، خيرپور ميرس، (10) عثمان علي انصاري، پرنسپال، مدرسہ هاءِ اسڪول، نوشهرو فيروز، (11) جناب علي خان ابڙو، (12) حڪيم شمس الدين، (13) حڪيم عبدالڪريم عباسي، (14) ميان محمد هاشم ’مخلص‘، (15) ميان محمد بخش ’واصف‘، (16) ميان حافظ عبدالڪريم، (17) جناب غلام سرور قادري، (18) ميان محمد صديق’مسافر‘، (19) جناب غلام مرتضيٰ ۽ (20) حڪيم عبدالخالق ’خليق‘ مورائي.[7]

ڊسمبر 1930ع ۾ هن سوسائٽيءَ جي لائيف ميمبر يا الف ڪلاس ميمبر ٿيڻ لاءِ، سائين جي. ايم. سيد کي فارم موڪليو ويو. جنهن لاءِ محمد صديق، ڪيس 14 ڊسمبر 1930ع واري خط ۾ لکي ٿو، ”سنڌي مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي ميمبريءَ جو فارم عرض رکجي ٿو، ۽ اميد آهي ته اوهان صاحب انهيءَ سوسائٽيءَ جي ضرورت کي محسوس ڪري، لائيف ميمبر يا الف ڪلاس ميمبر ٿي، سوسائٽيءَ جي همت افزائي ڪندا، پنهنجي علم دوست اصحابن کي پڻ هن سوسائٽيءَ ۾ شامل ٿيڻ لاءِ ترغيب ڏيندا، ۽ هن سوسائٽيءَ کي ڪامياب بنائڻ لاءِ پنهنجي صلاح مشوري جو شرف بخشيندا.“[8]

پر لڳي ايئن ٿو ته سيد صاحب شروعاتي طور لائيف ميمبر ٿيڻ بجاءِ پهريان پاڻ کي صلاح مصلحت واري حد تائين محدود رکيو، پر پوءِ بعد ۾ الف ڪلاس جو ميمبر مقرر ٿيو. 24 نومبر 1931ع تي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي جي مئنيجنگ ڪاميٽيءَ جي هڪ گڏجاڻي سوسائٽيءَ جي صدر، سيد ميران محمد شاہ جي صدارت ۾ ٿي، جنهن ۾ ميان محمد هاشم ’مخلص‘ محترم محمد ابراهيم صاحب، محمد



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

بخش ’واصف‘، محمد صديق ميمڻ، ميان محمد صديق ’مسافر‘ حڪيم عبدالخالق ۽ سيد غلام مرتضيٰ (جي. ايم. سيد) صاحب شامل ٿيا. انهيءَ گڏجاڻي ۾ سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ کي وڏيڪ ڪامياب نموني هلائڻ ۽ مقبول بنائڻ لاءِ هيٺ ذڪر ڪيل رٿون بحال ڪيون ويون.

”ماڻهن ۾ علمي ۽ ادبي ذوق پيدا ڪرڻ لاءِ هر مهيني جي آخري آچر تي مشاعرو ٿيندو رهي ۽ پهريون مشاعرو 13 ڊسمبر 1931ع تي سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي جي ٿئي، جنهن جي مصرع طرح هي مقرر ڪئي وئي. ’سج چڙهي آيو مٿي اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي‘.“

شاهه عبدالطيف ڀٽائي جي ڄم جو ڏينهن 2 جنوري تي شام جو 8 وڳي ٿياسافيڪل هال ۾ ملهائي وڃي، جتي سندس سوانح عمري ۽ شعر جو بيان ڪيو وڃي.

شمس العلماء مرزا قليچ بيگ صاحب جي فرزندن وٽ سوسائٽيءَ جي پاران هڪ وفد وڃي، سندس قلمي نسخا هٿ ڪري اچي ته جيئن اهي شايع ڪيا وڃن.

مرحوم سيد اسد الله شاه صاحب ۽ امروٽ شريف جي ڪتب خاني مان ڪتاب هٿ ڪري، مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو قومي ڪتب خانو برپا ڪجي.“[9]

مٿي ذڪر ڪيل رٿائن ۾ هونئن ته ٻين سان گڏ سائين جي. ايم. سيد جون پڻ صلاحون ۽ صلاحيتون شامل هونديون هيون، پر انهن مان ٻن نقطن سان سيد صاحب جي سڌي وابستگي نظر اچي ٿي. طئي ٿيل پروگرام موجب مسلم عوام کي شعر رستي بيدار ڪرڻ لاءِ ڊسمبر 1931ع ۾ هڪ طرحي مشاعر سڏايو ويو. ان مشاعري جي صدارت سائين. جي. ايم. سيد کان ڪرائي ويئي.

مشاعري جي مقرر ڪيل طرح جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. قوم کي بيدار ڪرڻ جي سلسلي ۾ سڏايل ان مشاعري ۾ محمد صديق ميمڻ، محمد بخش واصف، عطا محمد ’عطا‘، حڪيم ممتاز، محمد يوسف ’عاصي‘، شاهه محمد ’تاج‘ ۽ ميران محمد شاهه حصو ورتو هو. ان موقعي تي پيش ٿيل مختلف شاعرن جا شعر ڏاڍا سبق آموز ۽ اپيل ڪندڙ هئا. مثلاً محمد صديق ميمڻ چيو:

هوش ڪر هوشيار ٿي، هو گوءِ سبقت ويا ڪٽي،
سج چڙهي آيو مٿي اُٿ ننڊ مان بيدار ٿي.





محمد بخش ’واصف‘ چيو:

سج چڙهي آيو مٿي اٿ ننڊ مان بيدار ٿي،

مهٽ اڪيون پنهنجون اڙي غافل اٿي هوشيار ٿي.

ميران محمد شاهه چيو:

سج چڙهي آيو مٿي اٿ ننڊ مان بيدار ٿي،
ٻَڌ ڪمر سنپاري سفر تي ترت تون تيار ٿي.

شاهه عبداللطيف جو ورسي ملهائڻ بابت رٿيل پروگرام ۾ سائين جي. ايم. سيد کي شريڪ ٿيڻ ۽ تقرير ڪرڻ جي سلسلي ۾ تاڪيد ڪندي، سوسائٽيءَ جو چيئرمين ميران محمد شاهه 15 ڊسمبر 1931ع تي ڪيس لکي ٿو، ”شاهه عبداللطيف جي ورسيءَ تي اوهان کي ڳالهائڻو آهي، تقرير لکي تيار ڪري اچجو.“[10]

آخر ڪار اهو رٿيل پروگرام ٿياسافيڪل هال ڪراچيءَ ۾ 2 جنوري 1932ع تي سڏايو ويو، جنهن ۾ سيٺ غلام علي چاڳلا شامل ٿيو ۽ سائين جي. ايم سيد صدارت ڪئي ۽ ان موقعي تي سيد صاحب شاهه عبداللطيف جي ڪلام ۾ سوز واري حوالي سان چند بيتن تي روشني وڌي. 11 اپريل 1932ع تي سوسائٽي جي جنرل سيڪريٽري، سيد صاحب کي لکيو، ”اوهان کي عرض ڪجي ٿو ته، اسان جي مدد ڪرڻ لاءِ اسان جا لائيف ميمبر بڻجو.“[11]

پر معلوم ائين ٿئي ٿو ته، سيد صاحب لائيف ميمبر ٿيڻ بجاءِ هن سوسائٽي جو ڪارڪن ٿي، صلاح مشورو ڏيڻ ۽ ٻين دوستن احبابن کي ان ڪم لاءِ ترغيب ڏيڻ وارو طريقو اختيار ڪيو هو. سنڌ مسلم ادبي سوسائٽيءَ جي سال 1934ع جي رپورٽ ۾ ان ڳالهه جو اظهار ڪيو ويو آهي ته، ”جنهن وقت هن سوسائٽي جا 10 هزار ميمبر ٿين ته اسين هڪ درسگاهه قائم ڪري سگهون ٿا.“[12]

سوسائٽي پاران تعليم کي هٿي وٺرائڻ واري ان مکيه مقصد جي مدِنظر سوسائٽيءَ جو چيئرمين، سيد ميران محمد شاهه، ان جي شروعاتي خاڪي تيار ڪرائڻ واري حوالي سان، 6 آگسٽ 1939ع تي سيد صاحب کي سرينگر ڪشمير مان هڪ خط لکيو هو، جنهن ۾ ڪيس لاهور جو حوالو ڏيندي لکي ٿو، ”’انجمن حمايت الاسلام‘، لاهور جي انتظام جو معائنو ڪيو ويو، جو اسان کي به ’مسلم ادبي سوسائٽي‘ جي زير



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

سهاري هڪ گرلس اسڪول حيدرآباد ۾ جاري ڪرڻ جو ارادو آهي.“[13]

لاهور جو انجمن حمايت الاسلام ادارو جنهن کي مثال طور پيش ڪيو ويو آهي، ان اداري ڪيترائي هاءِ اسڪول قائم ڪرايا هئا ۽ هڪ اعليٰ درجي جو ڪاليج پڻ برپا ڪري چڪو هو. مٿي ذڪر ٿي آيو آهي ته هن سوسائٽيءَ جي مکيه مقصدن ۾ تعليم کي هٿي وٺرائڻ پڻ شامل هو. ان مقصد جي حاصلات لاءِ دهليءَ ۾ مسلمان ڇوڪرين جي تعليم ۽ تربيت لاءِ قائم ٿيل ’مدرسة البنات‘ واري طرز تي، سنڌ جي مسلمان ڇوڪرين کي تعليم ۽ تربيت ڏيارڻ واري مقصد سان حيدرآباد ۾ ساڳي طرز تي ’مدرسة البنات‘ نالي سان ادارو قائم ڪيو ويو. دهليءَ وارو ’مدرسة البنات‘ مسلم ادبي سوسائٽي جي چيئرمين سيد ميران محمد شاهه اپريل 1940ع ۾ ڏٺو هو. جنهن جو ذڪر ڪندي هو سيد صاحب کي لکي ٿو. ”منهنجي لاءِ اهو پهريون دفعو هو جو مسلمان ڇوڪرين کي عربي تعليم، بدني ورزش ۽ هنرن ۾ دلچسپي وٺندو ڏٺم. مدرسي جو نمونو جديد هو، ليڪن عربي تعليم تي گهٽو زور ٿي ڏنو ويو. هن اسڪول جون تعليم يافته ڇوڪريون نئين نموني جون هيون. اهو پنهنجي قسم جو ساري هندستان ۾ هڪ ئي ادارو هو، جتي ملڪ جي هر گوشي مان تعليم لاءِ ڇوڪريون اچن ٿيون، تنهنجي ڏسڻ لائق آهي.“[14]

اهڙي ريت تعليم جي ميدان ۾ نياڻين کي بهتر تعليم ڏيارڻ ۽ سنڌ ۾ سڌارو آڻڻ واري مقصد سان حيدرآباد ۾ ’مدرسة البنات‘ جو بنياد وڌو ويو، جنهن جو سائين جي. ايم. سيد، 25 آگسٽ 1946ع تي افتتاح ڪيو. ان ڪانسواءِ هن اداري جي اشاعتي پروگرام هيٺ، مختلف موضوعن تي ڪتاب شايع ڪرائڻ جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو، ڪيترن ئي سالن تائين هن اداري جا ڪتاب باقائدگي سان شايع ٿيندا رهندا هئا. ائين چئي سگهجي ٿو ته سائين جي. ايم. سيد، جنهن دارالامصنفين جهڙي اداري قائم ڪرڻ جي خواهش مرزا قليچ بيگ سان ظاهر ڪئي هئي، هي ادارو ڄڻ ان لاءِ شروعاتي ڪوشش ثابت ٿيو.

## حوالا

1. سيد، جي. ايم.، ’اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ‘، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، 1977ع، ص: 259.





2. ساڳيو، ص: 260.
3. ميمڻ، محمد صديق، ’ساليانا رپورٽ‘، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، 1932ع، ص:2.
4. ساڳيو، ص: 2.
5. ساڳيو، ص: 2.
6. ساڳيو، ص: 2.
7. ساڳيو، ص: 3.
8. سيد، جي. ايم.، ’اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ‘، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، 1977ع، ص: 260.
9. ميمڻ، محمد صديق، ’ساليانا رپورٽ‘، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، 1932ع، ص: 6.
10. سيد، جي. ايم.، ’رهاڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، 1978ع، ص: 60.
11. سيد، جي. ايم.، ’اڄ پڻ ڇڪيم چاڪ‘، سنڌي اديبن جي ڪوآپريٽو سوسائٽي، حيدرآباد، 1977ع، ص: 261.
12. ميمڻ، محمد صديق، ’ساليانا رپورٽ‘، سنڌ مسلم ادبي سوسائٽي، حيدرآباد، 1934ع، ص: 2.
13. سيد، جي. ايم.، ’رهاڻ‘، سنڌي ادبي بورڊ ڄامشورو، 1978ع، ص: 146-147.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair
Shah Abdul Latif Bhitai Chair